قرآني بيان

# شڪر جا ڏهاڙا

(سيپارو:2، سوره بقرة: 185)

مدني مراڪز (فيضان، مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوت اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

27 مارچ، 2026ء

( متوقع اسلامي تاريخ: 7 شوال شريف، 1447ھ)

جمعة المبارڪ جو



**مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امامِ مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ**
**27 مارچ 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 7 شوال شريف 1447ھ) جمعة المبارڪ جو**

قرآني بيان

بنام

# شڪر جا ڏھاڙا (سيپارو: 2، سوره بقرة: 185)

ھن بيان ۾ توھان ڄاڻي سگھندؤ…

- … الله اڪبر چوڻ جا فضائل
- … ٻئي ھٿَ پلائي سان پرجي ويا
- … عبادت ڪان بعد شڪر جون حڪمتون
- … سڀ ڪان ننڍي نعمت

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ حِيْنَ يُصْبِحُ عَشْرًا وَحِيْنَ يُمْسِي عَشْرًا اَدْرَكَتْهُ شَفَاعَتِي يَوْمَ الْقِيَامَةِ۔

الله پاڪ جي آخري نبيءَ، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو: جنهن مون تي 10 ڀيرا صبح ۽ 10 ڀيرا شام جو درودِ پاڪ پڙهيو، اهو قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت کي ماڻي وٺندو.[1]

ہمارے لبوں پر ہو ہر پل یہی صبح و شام    پیارے نبی پر ہر پل لاکھوں درود و سلام

کاش وِردِ زباں ہو ہمارے صبح و شام    پیارے نبی پر ہر پل لاکھوں درود و سلام

حمد و نعت پڑھتے ہوئے عمر مری ہو تمام    پیارے نبی پر ہر پل لاکھوں درود وسلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...كتاب الصلاة على النبى، باب الصلاة على النبى عند الصباح والمساء، صفحه:28، حديث:61۔

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِى الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَلِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۸۵﴾

(سيپارو: 2، البقرة: 185)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى اللّٰه عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

**ترجمو ڪنزالعرفان:** تہ جيئن توهان هن ڳالهہ تي الله جي وڏائي بيان ڪريو جو ان توهان کي هدايت ڏني ۽ تہ جيئن توهان شڪر گذار بڻجي وڃو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان جو مهينو آيو هو ۽ هاءِ...!! هاڻي رمضان ڪريم 11 مهينن جي جدائي ڏئي وڃي چڪو آهي. خوش نصيبن هن مقدس مهيني جا روزا رکيا، پابندي سان تراويح پڙهندا رهيا، قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا رهيا، ذِڪر ۽ درود ۾ وقت گذاريو، خوب نيڪيون ڪيون، اعتڪاف جا مزا ماڻيا، شبِ قدر ۾ عبادتون ڪيون، لڪين خوش نصيب هوندا جن کي مغفرت جا پروانا نصيب ٿي ويا هوندا ۽ افسوس...!! اسان گنهگارن بس سُستي ۾ ئي ڏينهن گذاري ڇڏيا، اڄ سياڻي ڪندي ڪندي پورو مهينو گذري ويو، خبر ناهي ايندڙ سال رمضان ڪريم کي ڏسڻ نصيب ٿيندو يا نہ ٿيندو...!!

نیکیاں کچھ نہ ہم کر سکے ہیں | آہ! عصیاں میں ہی دن کٹے ہیں
ہائے! غفلت میں تجھ کو گزارا | اَلوَداع اَلوَداع آہ! رمضاں

| | |
|---|---|
| جب گزر جائیں گے ماہ گیارہ | تیری آمد کا پھر شور ہوگا |
| کیا مری زندگی کا بھروسا | اَلوداع اَلوَداع آہ! رَمضاں[1] |

الله پاڪ اسان سڀني کي ايندڙ سال بہ ماهِ رمضان ڏسڻ، ان جون برڪتون ماڻڻ نصيب فرمائي. ڪاش! ماهِ رمضان جي صدقي اسان سڀ سڌري وڃون، بي حساب جنت ۾ داخلا نصيب ٿي وڃي. اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرآني آيت جي وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان شروع ۾ سيپارو: 2، سورت بقره، آيت: 185 جو هڪ حصو ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن آيت ڪريمہ ۾ رمضان ڪريم کان بعد جي زندگي جي ڪن آدابن جي تعليم ڏني وئي آهي. آيت ڪريمہ ٻڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۸۵﴾

ترجمو ڪنزُالعرفان: تہ جيئن توهان هن ڳالهہ تي الله جي وڏائي بيان ڪريو جو ان توهان کي هدايت ڏني ۽ تہ جيئن توهان شڪر گذار ٿيو.

(سيپارو: 2، البقرة: 185)

يعني اي ايمان وارؤ! ماهِ رمضان جي ختم ٿيڻ تي جڏهن عيد جو چنڊ ڏسو تہ خوشي ۾ الله پاڪ جي حمد ڪريو يا تڪبير چئو! جو تہ ربّ ڪريم توهان

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:652-653ملتقطًا۔

ڪي روزن جي توفيق عطا فرمائي ۽ ماهِ رمضان جي عبادتن تي فخر نہ ڪريو! ڇوتہ اهو توهان جو ڪمال ناهي بلڪ ان تي خدا جو شڪر ڪريو جنهن توهان کي انهن عبادتن جي توفيق عطا فرمائي، هي هن جي مهرباني آهي.[1]

شکر خالق کس طرح سے ہو اَدا | اِک زباں اور نعمتیں بے اِنتہا
پھر زباں بھی کس کی مجھ ناچیز کی | وہ بھی کیسی جس کو عصیاں کا مزا
گننے والے گنتیاں محدود ہیں | تیرے اَلطاف و کرم بے انتہا(2)

## آيت ڪريمہ جو ماهِ رمضان سان تعلق

علامہ حرّالي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه تمام وڏا عالمِ دين ٿي گذريا آهن، پاڻ آيت ڪريمہ جي هن حصي جي تمام خوبصورت وضاحت فرمائي آهي، سندن فرمانن جو خلاصو ڪجھ هيئن آهي تہ رمضان ڪريم ۾ ٻانهن کي هڪ خاص قسم جي هدايت ملندي آهي (دليون نرم ٿينديون آهن، نيڪي جي رغبت وڌندي آهي، پوءِ) روزي دار کي تمام گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون آهن، ماهِ رمضان ۾ مغفرت جا سبب وڌي ويندا آهن، شبِ قدر جهڙي نعمت نصيب ٿيندي آهي، اها جيڪا خاص قسم جي هدايت دلين ۾ صرف ماهِ رمضان ۾ رکي ويندي آهي،[3] الله پاڪ اسان کي ان هدايت تي شڪر ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان جا 2 طريقا ٻڌايا آهن: (1): الله پاڪ جي تڪبير چئو! يعني الله اڪبر پڙهو! (2): الله پاڪ جو شڪر ادا ڪريو!

---

[1]...تفسير نعيمی، پاره:2، سورهٔ بقرة، زير آيت:185، جلد:2، صفحہ:225 خلاصةً۔

[2]...کلیاتِ حسن، صفحہ:745۔

[3]...نظم الدرر، پاره:2، سورهٔ بقرة، زير آيت:185، جلد:1، صفحہ:346 خلاصةً۔

پوءِ ان جي حڪمت بيان ڪندي علامہ حرَّالي رَحمۃُاللہِعَلَيْہ فرمائن ٿا: رمضان ڪريم کان فوراً بعد عيد ايندي آهي ۽ عيد جا ڏينهن خوشي جا ڏينهن هوندا آهن، عام طور تي انساني طبيعت اهڙي آهي جو خوشي جي وقت غفلت چانئجي ويندي آهي، بانهو الله پاڪ جي حدن کي اورانگهڻ لڳندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن تہ خوشي جو اظهار سرڪشي جي انداز ۾ (مثلاً شراب پي، دهل وڄائي، گوڙ شور ڪري) ٿيندو آهي. جيئن تہ اهي خوشي جا ڏينهن ان طرح غفلت طرف وٺي وڃڻ وارا آهن، ان ڪري الله پاڪ هن موقعي جي لاءِ خصوصي تعليم ڏني تہ اي ايمان وارؤ! ماهِ رمضان ختم ٿيو، هاڻي هن موقعي تي الله اڪبر چئو! الله پاڪ جي تڪبير، ان جي وڏائي بيان ڪريو! ۽ گناهن کان بچي، نيڪين ۾ دل لڳائي، ان جي ڏنل نعمتن جو شڪر ادا ڪندا رهو![1]

## آيت مان ملڻ وارا ۲ اهم سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! اجا جيڪي ڏينهن اسان گذاري رهيا آهيون، يعني يعني ماهِ رمضان المبارڪ جي بلڪل پوءِ وارا ڏينهن ...!! انهن ڏينهن ۾ هي 2 ڪم اسان کي لازمي ڪرڻا آهن:

## (1): الله پاڪ جي وڏائي بيان ڪرڻي آهي

پهريون ڪم: الله پاڪ جي وڏائي بيان ڪرڻي آهي. الله اڪبر! الله اڪبر! ڪثرت سان پڙهڻو آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم

[1]... نظم الدرر، پاره:2، سورة بقرة، زير آيت:185، جلد:1، صفحہ:345 خلاصتً۔

فرمايو: زَيِّنُوْا اَعْيَادَكُمْ بِالتَّكْبِيْرِ يعني پنهنجي عيد (۽ خوشي) جي ڏينهن کي خوبصورت بڻايو! (ڪيئن؟) الله پاڪ جي وڏائي بيان ڪري.[1]

## الله اڪبر چوڻ جا فضائل

حديثِ پاڪ ۾ آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: واه واه...!! اهي 5 شيون ميزان تي ڪيتريون وزني آهن: (1): لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ (2): اَللهُ اَكْبَرُ (3): سُبْحٰنَ الله (4): اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ پڙهڻ (5): ۽ انسان جو اهو پٽ جيڪو وفات ڪري ويو ۽ انسان ان تي صبر ڪيو.[2]

حضرت معاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ عنه فرمائن ٿا: مون نبين جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو: 2 ڪلما آهن: هڪ اهو آهي جنهن کي عرش تي وڃڻ کان ڪو نٿو روڪي سگهي، ٻيو اهو آهي تہ زمين ۽ آسمان کي ڀري ڇڏيندو آهي (۽ اهي ڪلما هي آهن): (1): لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ (2): اَللهُ اَكْبَرُ.[3]

حضرت ابودرداء رَضِيَ اللهُ عنه کان روايت آهي، نبين جي امام، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن هڪ ڀيرو چيو: لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ الله پاڪ ان جي چوٿين حصي کي جهنم کان آزاد فرمائي ڇڏيندو، جنهن ٻہ ڀيرا چيو، الله پاڪ ان جي اڌ کي جهنم کان آزاد فرمائي ڇڏيندو ۽ جنهن 4 ڀيرا

---

[1]...معجم الصغير، باب العين، من اسمہ عبداللہ، صفحہ:431، حديث:599۔

[2]...مسند امام احمد، مسند المكيين، حديث مولى لرسول اللہ ، جلد:6، صفحہ:421، حديث:16067۔

[3]...معجم الكبير، باب الميم، عبدالرحمن بن ابى عمرة عن معاذ، جلد:8، صفحہ:465، حديث:16748۔

اهي ڪلمات چيا الله پاڪ ان ڪي مڪمل طور تي جهنم کان آزادي ڏئي ڇڏيندو.[1]

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عنه کان روايت آهي، نبين جي امام، ٻنهي جهانن جي داتا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ انهن ڪلمن کي پسند فرمائي ورتو آهي: (1): سُبْحٰنَ الله (2): اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ (3): اَللّٰہُ اَکْبَر. پوءِ جنهن سُبْحٰنَ الله چيو، ان جي لاءِ 20 نيڪيون لکيون وينديون، 20 گناهه مٽايا ويندا. جنهن اَللّٰہُ اَکْبَر چيو، ان کي بہ اهو ئي ثواب ملندو، جنهن لَااِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ چيو، ان کي بہ اهو ئي ثواب ملندو ۽ جنهن دل سان اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْن چيو، ان کي 30 نيڪيون ملنديون ۽ 30 گناهه مٽايا ويندا.[2]

رسولِ بي مثال، بي بي آمنہ جي لال صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو ٻانهو سُبْحٰنَ الله يا اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ يا اَللّٰہُ اَکْبَر چوندو آهي تہ الله پاڪ ان جي نالي جو هڪ وڻ جنت ۾ لڳائي ڇڏيندو آهي، اهو وڻ بہ اهڙو جو ان جو ٿڙ سونَ جو آهي، ان جو مٿيون حصو جواهرات جو آهي، ان تي موتي ۽ ياقوت جڙيل آهن، ان جا ميوا وڏا وڏا، مکڻ کان وڌيڪ نرم، ماکي کان وڌيڪ مٺا هوندا.[3]

حضرت ابودرداء رَضِیَ اللّٰہُ عنه فرمائن ٿا: رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: اي ابودرداء سُبْحٰنَ الله چئو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ چئو! لَااِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ چئو! اَللّٰہُ اَکْبَر چئو! لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّۃَ اِلَّا بِاللّٰہِ چئو! بيشڪ اهي باقي رهڻ واريون نيڪيون

---

[1]…معجم اوسط، باب الميم، من اسمه مقدام، جلد:6، صفحه:329، حديث:8941۔
[2]…مصنف ابن شيبه، كتاب الدعاء، فيما اصطفى الله من الكلام، جلد:7، صفحه:134، حديث:1۔
[3]…معجم اوسط، باب الباء، من اسمه بكر، جلد:2، صفحه:249، حديث:3170۔

آهن، انهن ڪلمن جي برڪت سان گناهه اهڙي طرح ڇڻندا آهن، جيئن وڻن مان پنَ ڇڻندا آهن ۽ اهي ڪلما جنت جي خزانن مان آهن.[1]

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي، مڪي مدني آقا، رسولِ خدا اَحمد مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اَللّٰہُ اَکۡبَر چوڻ احد جبل کان وڏي نيڪي آهي.[2]

## ٻئي هٿ ڀلائي سان ڀرجي ويا

حضرت عبدالله بن ابو اوفيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عنہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري هڪ اعرابي (يعني ڳوٺاڻي صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عنہ) بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! مان قرآنِ ڪريم ياد نٿو ڪري سگهان، اهڙو عمل ٻڌايو! جنهن جي ذريعي تلاوتِ قرآن جي برابر ثواب ملي (ظاهر آهي ان دور ۾ پرنٽنگ جو انتظام نه هو، صحابهءِ ڪرام علیہم الرّضوان قرآنِ ڪريم زباني ياد ڪري تلاوت ڪندا هئا ۽ هي صحابي ياد نه پئي ڪري سگهيو، تنهنڪري هي سوال ڪيو)، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: هيئن چئو:

سُبۡحٰنَ اللهِ ! وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ ! وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَکۡبَرُ وَلَا حَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ ۔

راوي فرمائن ٿا: ان ڳوٺاڻن رضی اللہ عنہ انهن ڪلمن کي پنهنجي آڱرين تي ڳڻيو ته 5 هئا. ڳڻي هليا ويا. ٿوري دير ڪانپوءِ واپس آيا، عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! انهن ڪلمن ۾ منهنجي ربّ جي تعريف آهي، منهنجي لاءِ ڇا آهي؟ (يعني مون پنهنجي ربّ جي تعريف ته ڪري ورتي، هاڻي مان

---

[1] ...مجمع الزوائد، کتاب الاذکار، باب ما جاء فی الباقیات الصالحات و نحوہا، جلد:10، صفحہ:77، حدیث:16855۔

[2] ...کتاب الدعاء، باب فضل التسبیح والتحمید، صفحہ:529، حدیث:1691۔

پنهنجي لاءِ چا گهران ۽ ڪيئن گهران؟، پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هيئن چئو: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِى، وَارْحَمْنِىْ وَاهْدِنِىْ وَارْزُقْنِىْ وَعَافِنِىْ (اي الله! مون کي بخشي ڇڏ، مون تي رحم فرماءِ، مون کي هدايت ڏي، مون کي رزق عطا ڪر ۽ مون کي عافيت نصيب فرماءِ). راوي چون ٿا: ان ڳوناٺي رَضِىَ اللهُ عنه انهن ڪلمن کي ٻه آڱرين تي ڳڻيو تہ اهي ٻہ 5 هئا. (هاڻي اهي هي عزم ڪري تہ مان اهي 10 ڪلما پڙهندو رهندس) واپس هليا ويا. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اعرابي جيڪو چيو، ان کي پورو ڪري تہ ان پنهنجا ٻئي هٿ ڀلائي سان ڀري ورتا.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهن الله اڪبر پڙهڻ جا فضائل، هڪ ڀيرو
◈ الله اڪبر پڙهڻ سان 20 نيڪيون ملنديون، 20 گناهہ معاف ٿيندا آهن ◈الله اڪبر پڙهڻ احد جبل کان وڏي نيڪي آهي◈الله اڪبر اها نيڪي آهي جيڪا ميزان تي وزني هوندي◈الله اڪبر اها نيڪي آهي جيڪا زمين ۽ آسمان کي ڀري ڇڏيندي آهي◈الله اڪبر چوڻ سان جنت ۾ سون ۽ جواهرات جو وڻ لڳايو ويندو آهي◈4 ڀيرا الله اڪبر چوڻ واري کي جهنم کان آزادي بخشي ويندي آهي ۽◈الله اڪبر چوڻ جنت جي خزانن مان هڪ خزانو آهي.

سُبْحٰنَ الله! هي اهي ڏينهن آهن جو انهن ڏينهن ۾ يعني ماهِ رمضان جي وڃڻ کانپوءِ الله پاڪ اسان کي تڪبير چوڻ جو حڪم ڏنو آهي. تنهنڪري انهن ڏينهن ۾ ڪثرت سان اَللّٰهُ اَكْبَر پڙهو! بلڪ گڏو گڏ سُبْحٰنَ الله بہ پڙهو! اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ بہ پڙهو! لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ بہ پڙهو، لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ بہ پڙهو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ايترو

[1]...مصنف ابن شيبہ، ڪتاب الدعاء، ما علم النبى صَلَّى اللهُ عَلَيْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم...الخ، جلد:7، صفحہ:128، حديث:1۔

ثواب ملندو، جيترو ثواب تلاوتِ قرآن تي ملندو آهي. الله پاڪ اسان سيني کي ڪثرت سان الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2): شڪر ادا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻيو نيڪ ڪم جيڪو ماهِ رمضان ڪانپوءِ اسان کي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، اهو آهي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ. هي به تمام اعليٰ نيڪي آهي، علماءِ ڪرام رحمۃُ اللہِ علیھم فرمائن ٿا: الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ ماهِ رمضان جو ذڪر فرمايو، ان جا فضائل بيان فرمايائون ۽ ان بابت جيڪي تعليم عطا فرمايون، تن جي شروعات تقويٰ سان فرمائي، ارشاد ٿيو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كُتِبَ
عَلَيۡكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِكُمۡ لَعَلَّكُمۡ تَتَّقُوۡنَ ﴿۱۸۳﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! توهان تي روزا فرض ڪيا ويا جيئن توهان کان اڳين ماڻهن تي فرض ڪيا ويا ته جيئن توهان پرهيزگار بڻجي وڃو.
(سيپارو: 2، البقرة: 183)

يعني اي ايمان وارؤ! ماهِ رمضان جا روزا رکو! توهان کي تقويٰ نصيب ٿيندي. پوءِ انهن تعليمات جي اختتام تي فرمايو:

وَلِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمۡ وَلَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۱۸۵﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: تہ جيئن توهان هن ڳالھ تي اللہ جي وڏائي بيان ڪريو جو ان توهان کي هدايت ڏني ۽ تہ جيئن توهان شڪر گذار بڻجي وڃو.
(سيپارو: 2، البقرة: 185)

معلوم ٿيو: نيڪي جو آغاز تقويٰ سان ۽ اختتام شڪر تي ٿيندو آهي.

## عبادت کان بعد شڪر جون حڪمتون

امام محمد بن محمد غزالي رَحمةُاللہِعَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن ٻانهي کي عبادت جي توفيق نصيب ٿئي، تہ ان عظيم الشان نعمت تي ٻن سببن جي ڪري شڪر لازمي ڪرڻ گهرجي: (1): پهريون ان ڪري تہ شڪر ڪرڻ سان نعمت کي دوام ملندو آهي يعني نعمت باقي رهندي آهي. ڪسجندي ناهي (2): ٻيو ان ڪري تہ شڪر جي برڪت سان نعمتن ۾ اضافو ٿيندو آهي، تنهنڪري جيڪڏهن اسان عبادت جي توفيق ملڻ تي شڪر ادا ڪنداسين تہ ان جي برڪت سان وڌيڪ عبادت جي توفيق نصيب ٿيندي رهندي.[1]

## نيڪي جي حفاظت ضروري آهي

سُبْحٰنَ اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ماهِ رمضان نصيب ٿيو، مغفرت واريون گهڙيون نصيب ٿيون، رحمتن وارا ڏينهن مليا، الحمد للہ! خوش نصيبن روزا رکيا، تراويح پڙهي، تلاوت ڪندا رهيا، نيڪ ڪم ڪندا رهيا، سحر ۽ افطار جون برڪتون ماڻيندا رهيا، اهي اللہ پاڪ جون عظيم نعمتون آهن، اللہ پاڪ اسان کي ان جي توفيق بخشي، هاڻي اسان تي لازم آهي تہ

[1]... منہاج العابدين، العقبہ السابعہ وھی عقبۃ الحمد والشکر، صفحہ:385۔

ان تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندا رهون، ان سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! خود پسندي جي آفت کان بچي ويندا سين.

هتي هڪ ڳالهه تمام اهم آهي، هميشه ياد رکڻ جي آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمايو آهي:

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ

ترجمو ڪنزُ العرفان: جيڪو هڪ نيڪي آڻي ته ان جي لاءِ ان جهڙيون ڏهه نيڪيون آهن. (سيپارو: 8، الانعام: 160)

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هتي الله پاڪ اهو نه فرمايو ته جيڪو نيڪي ڪري ان کي قيامت جي ڏينهن 10 ڀيرا اجر ملندو بلڪ فرمايو: جيڪو نيڪي کڻي قيامت جي ڏينهن ربّ جي بارگاهه ۾ پهچي، ان کي 10 ڀيرا اجر ملندو.[1]

يعني نيڪي ڪرڻ ته هڪ عمل آهي، پر ان نيڪيءَ کي حفاظت سان ګڏ کڻي قبر ۾ لهڻ، اهو به نهايت ضروري آهي ، تمام گهڻيون برائيون آهن جن جي ڪري نيڪي برباد ٿي ويندي آهي، مثلاً ◈رياڪاري جي سبب نيڪي برباد ٿيندي آهي◈خود پسندي جي سبب نيڪي برباد ٿي ويندي آهي◈غيبت، حسد وغيره باطني بيماريون نيڪي کي کائي وينديون آهن◈ظلم ڪرڻ، مسلمان ڀائرن کي ناحق تڪليف پهچائڻ نيڪين جي بربادي جو سبب بڻجندو آهي، اهڙي طرح تمام گهڻيون برائيون آهن، جن جي سبب نيڪي برباد ٿي ويندي آهي، هاڻي اسان نيڪي ته ڪري ورتي، الله پاڪ توفيق بخشي ته اسان روزا رکيا، توفيق ملي ته تراويح پڙهي،

[1]...تنبيه الغافلين، باب ما جاء فی الذنوب، صفحه:210۔

توفيق نصيب ٿي تہ ماهِ رمضان ۾ نيڪ ڪم ڪيا، هاڻي لازم آهي تہ اسان انهن نيڪ ڪمن جي حفاظت ڪريون، اها ڪيئن ڪنداسين؟ الله پاڪ اسان کي شڪر جي تعليم ڏني، الله پاڪ جو شڪر ادا ڪريون. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان نعمت کي دوام ملي ويندو.

الله پاڪ اسان کي شڪر جي توفيق نصيب فرمائي. هي جيڪي ڏينهن هاڻي گذري رهيا آهن، انهن ڏينهن ۾ 2 سببن جي ڪري اسان تي شڪر ڪرڻ لازم آهي. پهريون ان ڪري تہ الله پاڪ اسان کي رمضان ڪريم جو برڪتن وارو، عظمتن وارو، مغفرتن وارو مهينو نصيب فرمايو. تنهنڪري ان تي شڪر ادا ڪريون، قرآنِ ڪريم جو واعدو آهي تہ جيڪو شڪر ڪندو آهي، ان کي وڌيڪ ملندو آهي، هاڻي شڪر ڪريون، الله پاڪ جي رحمت مان اميد آهي تہ ايندڙ سال بہ رمضان ڏسڻ نصيب ٿي ويندو. جيڪڏهن زندگي وفا نہ ڪئي تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! گذريل رمضان جون برڪتون وڌيڪ ملي وينديون. بهرحال! رمضان ڪريم اسان کي نصيب ٿيو، ان تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪريون.

## شڪرگذار پٿر

امام ابوالقاسم قشيري رَحمةُاللهِعَلَيْه لکن ٿا: الله پاڪ جا هڪ نبي عَلَيْهِ السَّلام ڪنهن جاءِ تان گذري رهيا هئا، پاڻ رستي ۾ هڪ ننڍڙو پٿر ڏٺائون، ان مان مسلسل پاڻي نڪري رهيو هو، وڏي جبل مان چشمو جاري ٿيڻ معمول جي ڳالهہ آهي پر ننڍڙي پٿر مان پاڻي نڪرڻ ۽ مسلسل نڪرندو رهڻ اها حيراني جي ڳالهہ آهي، الله پاڪ جي نبي عَلَيْهِ السَّلام کي پٿر مان پاڻي نڪرندو ڏسي

تعجب ٿيو تہ اللہ پاڪ ان پٿر کي ڳالهائڻ جي طاقت عطا فرمائي، پٿر عرض ڪيو: اي اللہ پاڪ جا نبي عَلَيۡهِ السَّلَام! جڏهن کان مون کي معلوم ٿيو آهي تہ جهنم جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن، ان وقت کان مان خوفِ خدا جي سبب روئي رهيو آهيان، اوهان جيڪو پاڻي مون مان نڪرندي ڏسي رهيا آهيو، اهو پاڻي ناهي بلڪ منهنجا ڳوڙها آهن جيڪي خوفِ خدا جي سبب وهي رهيا آهن. پٿر جي اها درد ڀري ڳالهہ ٻڌي اللہ پاڪ جي نبي عَلَيۡهِ السَّلَام کي رحم آيو، پاڻ هٿ کڻي اللہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪئي: اي اللہ پاڪ! هن پٿر کي جهنم جي باهہ کان محفوظ فرماءِ. اللہ پاڪ سندن دعا قبول فرمائي ۽ فوراً ئي وحي موڪلي تہ اسان هن پٿر کي جهنم جي باهہ کان آزاد ڪري ڇڏيو. اللہ پاڪ جي نبي عَلَيۡهِ السَّلَام پٿر کي اها خوشخبري ٻڌائي ۽ اڳتي تشريف وٺي ويا، جڏهن واپس آيا تہ ڏٺائون تہ، پٿر مان اڃا بہ پاڻي وهي رهيو آهي، اللہ پاڪ جي نبي عَلَيۡهِ السَّلَام پڇيو: توکي جهنم کان آزادي جي خوشخبري ملي چڪي، هاڻي ڇا معاملو آهي؟ هاڻي ڇو روئين پيو؟ پٿر عرض ڪيو: ذٰلِكَ كَانَ بُكَاءَ الْخَوْفِ وَهٰذَا بُكَاءُ الشُّكْرِ يعني پهريان خوفِ خدا جي سبب ڳوڙها وهي رهيا هئا، هاڻي شڪراني جا ڳوڙها وهائي رهيو آهيان.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! اللہ پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان اسان کي بہ رمضان ڪريم نصيب ٿيو، جيتوڻيڪ اسان مان ڪو بہ حتمي ۽ يقيني طور تي نٿو چئي سگهي تہ منهنجي مغفرت ٿي وئي آهي، البت اسان کي مغفرت جو تمام وڏو ذريعو نصيب ٿيو ◈ماهِ رمضان جي هر هر گهڙي برڪت واري آهي◈رمضان ڪريم ۾ روزانو افطار جي وقت 10 لک اهڙن گنهگارن جي

[1]...رساله قشيريه ،ڪتاب الشكر ، صفحه:213۔

بخشش ٿيندي آهي، جن تي جهنم واجب ٿي چڪو هوندو آهي ۽ جمعي جي ڏينهن تہ هر هر گهڙي ۾ 10، 10 لک ماڻهن کي بخشيو ويندو آهي. ڪاش! اسان جو بہ انهن بخشيلن ۾ شمار ٿي وڃي.

بخش دے میری ساری خطائیں | کھول دے مجھ پر اپنی عطائیں
برسا دے رحمت کی برکھا | یااللہ! مری جھولی بھر دے[1]

خير! الله پاڪ اسان کي بخشش ۽ مغفرت جو اهڙو ذريعو عطا فرمايو، اسان تي لازم آهي تہ هاڻي ڪثرت سان الله پاڪ جو شڪر ادا ڪريون.

## عيد ملڻ جو شڪريو ادا ڪريو!

انهن ڏينهن ۾ ٻيو ان وجهہ سان شڪر لازم آهي تہ الله پاڪ اسان کي عيد جون خوشيون عطا فرمايون، نوان نوان ڪپڙا، سنا سنا ڪاڌا، خوشين ڀريو ماحول نصيب ٿيو، نمازِ عيد پڙهڻ ملي، زڪوات ۽ فطرو وغيره ادا ڪرڻ نصيب ٿيو، هي جيڪو خوشين جو سماع اسان کي نصيب ٿيو، ان تي بہ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻو آهي.

## حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي هڪ صفت

الله پاڪ جا نبي آهن، حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام سندن متعلق قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد ٿيو:

إِنَّهُ كَانَ عَبْدًا شَكُورًا ۝۳

[1]... وسائلِ بخشش، صفحہ:123۔

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ اهو وڏو شڪر گذار ٻانهو هو. (سيپارو: 15، بني اسرائيل: 3)

يعني حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلام تمام گهڻو شڪر گذار ٻانها هئا. ڪين شڪر گذار ڇو چيو ويو؟ حضرت مجاهد رَحمةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلام انتهائي شڪر گذار ٻانها هئا، پاڻ جڏهن ڪائيندا ها تہ اللّٰه پاڪ جو شڪر ڪندا ها، جڏهن پيئندا ها تہ اللّٰه پاڪ جو شڪر ڪندا ها، جڏهن هڪ قدم هلندا ها، ان تي بہ شڪر ڪندا ها، جڏهن ڪا شيءِ پڪڙيندا ها تہ ان تي بہ شڪر ڪندا ها.[1]

حضرت محمد بن ڪعب رَحمةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلام جڏهن ڪائيندا ها تہ الحمدلله چوندا ها. جڏهن پاڻي پيئندا ها تہ الحمدلله چوندا ها، جڏهن ڪپڙو پائيندا ها تہ الحمدلله چوندا ها. جڏهن سوار ٿيندا ها تہ الحمدلله پڙهندا ها. ان ڪري اللّٰه پاڪ سندن نالو ئي شڪر گذار ٻانهو رکي ڇڏيو.[2]

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي نرالي شان آهي، هر هر ڳالهہ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ! اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ! اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ! پڙهندا وڃون، اللّٰه پاڪ اسان کي ڪهڙيون ڪهڙيون نعمتون عطا فرمايون آهن، ايتريون نعمتون آهن، ايتريون نعمتون آهن، ڳڻڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، اسان تي هر هر لمحي جيڪي نعمتون نازل ٿي رهيون آهن، اسان انهن نعمتن جي سڃاڻپ بہ نٿا رکون، ٿورو غور ڪريو! اسان جي جسم ۾ جيترا عضوا آهن، ڇا اسان کي انهن سڀني جا نالا اچن ٿا؟ اسان جي جسم جي اندر ڪهڙا ڪهڙا عضوا آهن، ڪاڏو کيئن اندر لهي ٿو، ڪيئن هضم ٿئي ٿو، ڪٿان ڪٿان گذري ٿو، هڪ وڏي مشينري اسان جي اندر هلي رهي آهي،

[1]... الزهد لابن مُبارَک ، الجزء السابع، باب ذكر رحمة الله تبارک وتعالى، صفحہ:280، حديث:941۔

[2]...الزہد لامام احمد،زہد نوح عَلَيْہِ السَّلام ،صفحہ:80، حديث:281۔

وڏن وڏن ڊاڪٽرن کي انهن عضون جا نالا خبر هوندا تہ هوندا، اسان کي تہ انهن جا نالا بہ نٿا اچن، پوءِ اسان انهن نعمتن جو چو شڪر ادا نہ ڪريون...؟

## سڀ کان نندي نعمت

حضرت ابو ايوب احمد بن محمد بن جابر قرشي رَحمةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سَيِّدُنا داؤد عَلَيْهِ السَّلام بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: اي الله پاڪ! مون کي پنهنجي سڀ کان نندي نعمت جي متعلق خبر ڏي؟ تہ الله پاڪ انهن جي طرف وحي نازل فرمائي: اي داؤد! ساهہ کڻ. انهن ساهہ کنيو تہ الله پاڪ ارشاد فرمايو: هي تو تي منهنجي سڀ کان نندي نعمت آهي.[1]

## شڪر جا فضائل

الله پاڪ اسان کي شڪر ادا ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي ◈ شڪر اعليٰ درجي جي عبادت آهي ◈ شڪر جي توفيق عظيم سعادت آهي ◈ شڪر ۾ نعمتن جي حفاظت آهي ◈ شڪر جي برڪت سان نعمتن ۾ اضافو ٿيندو آهي ◈ شڪر الله وارن جي عادت آهي ◈ شڪر ربّ ڪريم جي اطاعت آهي. حضرت سعيد بن جبير رَضِيَ اللهُ عنه فرمائن ٿا: جنت ۾ پهريان اهو داخل ٿيندو جيڪو خوشي غمي ۾ الله پاڪ جي حمد ڪندو آهي. امام سمرقندي رَحمةُاللهِ عَلَيْه هي قول ذڪر ڪرڻ ڪانپوءِ فرمائن ٿا: ڄاڻي ونو! حمد ۽ شڪر ◈ اڳين پوين جي عبادت آهي ◈ هي فرشتن جي بہ عبادت آهي ◈ نبين جي بہ عبادت آهي ◈ زمين وارن ۽ ◈ اَهلِ جنت جي عبادت آهي.[2]

---

[1]...موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب الشکر للہ عزوجل، جلد:1، صفحہ:513، حدیث:146۔

[2]...تنبیہ الغافلین، باب ماجاء فی الشکر، صفحہ:254۔

## اَلحمدُ للہ چوڻ جا فضائل

◈ اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو: ڍالون(يعني دشمن جي وارَ کان بچڻ جي لاءِ استعمال ٿيڻ وارا هٿيار) ڪٽي وٺو! صحابہءِ ڪرام عليهم الرّضوان عرض ڪيو: يا رسولَ اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم! ڇا دشمن حملو ڪري چڙهيو آهي؟ فرمايائون: نہ (دشمن حملو ناهي ڪيو) بلڪ جهنم جي مقابلي ۾ پنهنجون ڍالون ڪٽي وٺو ۽ سُبْحٰنَ اللّٰہِ وَالْحَمْدُ لِلّٰہِ وَاللّٰہُ اَکْبَرُ پڙهندا ڪريو ڇو تہ هي ڪلمات قيامت جي ڏينهن اڳيان ۽ پويان کان توهان جي حفاظت ڪندا.[1] ◈ اسان جي پياري نبي، مڪي مدني آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو: ڇا توهان ۾ ڪو روزانو احد جبل جي برابر عمل جي طاقت رکي ٿو؟ عرض ڪيائون: يارسولَ اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم! روزانو احد جبل جي برابر عمل جي طاقت ڪير رکي سگهي ٿو؟ فرمايائون: توهان سڀ ان جي طاقت رکو ٿا. عرض ڪيو ويو: اهو ڪيئن؟ فرمايائون: اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ چوڻ احد جبل کان وڏيڪ عظمت وارو آهي.[2]

◈حضرت ابو مالڪ اشعري رَضِیَ اللّٰہُ عنہ کان روايت آهي رسولِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلْحَمْدُ لِلّٰہ چوڻ ميزان کي پري ڇڏي ٿو.[3] يعني اَلْحَمْدُ لِلّٰہ چوڻ سان ايترو ثواب ملندو آهي جو روزِ قيامت جڏهن اهو ثواب ميزانِ عَمَل تي رکيو ويندو تہ ميزان پرجي ويندي.[4] اللّٰہ پاڪ اسان کي ڪثرت سان شڪر ڪرڻ ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ چوندي زبان کي ذِڪرِ اِلٰهي سان تَر رکڻ

---

[1]...مستدرڪ على الصحيحين، ڪتاب:الدعاوالتڪبير، جلد:2، صفحہ:235، حديث:2029۔

[2]...معجم ڪبير، جلد:7، صفحہ:279-280، حديث:14812۔

[3]...مسلم، ڪتاب:الطہارۃ، باب، فضل الوضو، صفحہ:106، حديث:223ملتقطاً۔

[4]...فيض القدير، جلد:4،صفحہ:384۔

جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ذکرو درود ہر گھڑی وردِ زباں رہے | میری فضول گوئی کی عادت نکال دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شڪر ڪنهن کي چوندا آهن؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي شڪر گذار ٻانهو بڻجڻو آهي، ان جي لاءِ شڪر جي هڪ وضاحت بہ ٻڌي وٺو! امامُ الطّائِفه(يعني ولين جا امام) حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي عمر مبارڪ 7 سال هئي، پاڻ حضرت سري سقطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ رهندا هئا. هڪ ڏينهن حضرت سري سقطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تشريف فرما هئا، ٻيا ماڻهو بہ حاضر هئا. شڪر جي متعلق ڳالهہ هلي رهي هئي، حضرت سري سقطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرت جنيد بغدادي رَحمةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي فرمايو: پٽ! تون ٻڌاءِ! شڪر ڇا آهي؟ حضرت جنيد بغدادي رَحمةُ اللّٰهِ عَلَيْه عرض ڪيو: اَنْ لَّا تَعْصِيَ اللّٰهَ بِنِعْمَةٍ يعني نعمت جي بدلي ۾ الله پاڪ جي نافرماني نہ ڪرڻ، اهو شڪر آهي.[1]

معلوم ٿيو اصل شڪر تہ اهو ئي آهي تہ ماڻهوءَ کي نعمت ملي تہ گناهن ۾ مصروف ٿيڻ جي بجاءِ الله پاڪ جو فرمانبردار بڻجي. الله پاڪ اسان کي ماهِ رمضان جي نعمتن تي خوب خوب شڪر ادا ڪرڻ، رمضان کان بعد بہ

[1]…رساله قشيريه ،كتاب الشكر ، صفحه:212.

ذوقِ رمضان برقرار رکڻ ۽ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡنۡ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| ماہِ رمضاں کا غم عطا فرما | یاخُدا! چشمِ نَم عطا فرما |
| ماہِ رمضاں کے عشق میں رونا | دو جہاں کے لئے سعادت ہے(1) |

## نيڪ ماڻهن جي هڪ دعا

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ عقلمند ۽ نيڪ ماڻهن جي هڪ دعا ذڪر فرمائي آهي، جيئن تہ سيپارو 3، سوره آلِ عمران، آيت نمبر 8 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

رَبَّنَا لَا تُزِغۡ قُلُوۡبَنَا بَعۡدَ اِذۡ هَدَيۡتَنَا وَهَبۡ لَنَا مِنۡ لَّدُنۡكَ رَحۡمَةً ۚ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡوَهَّابُ ﴿۸﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي اسان جا رب تو اسان کي هدايت عطا ڪئي آهي، هن کان بعد اسان جي دلين کي ٽيڙو نہ ڪر ۽ اسان کي پاڻ وٽان رحمت عطا فرماءِ بيشڪ تون وڏو عطا ڪرڻ وارو آهين. (سيپارو: 3، آلِ عمران: 8)

الحمدللہ! ماهِ رمضان ۾ دليون هدايت ماڻينديون آهن ◈نمازين جو تعداد وڌندو آهي ◈تلاوت ڪرڻ وارن جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو آهي ◈تراويح ◈اعتڪاف ◈صدقو ◈خيرات ◈مسلمانن جي خير خواهي وغيره ڪيترن ئي قسمن جي نيڪين ۾ نسبتاً اضافو ٿي ٿيندو آهي، يقيناً هي هدايت ئي آهي، هاڻي اسان کي گهرجي تہ اسان بہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪريون ۽ وقتاً فوقتاً دلجمعي سان اهي دعائون ڪندا ئي رهون تہ اي الله پاڪ! ماهِ

[1]…وسائل فردوس، صفحہ:30۔

رمضان ۾ هدايت جو نور نصيب ٿيو، نيڪين جو جذبو وڌيو، نمازن جي توفيق ملي، اي اسان جا پيارا الله پاڪ! اسان تي ڪرم فرماءِ، جيڪي خطائون ٿيون، ڄاڻي اڻڄاڻائي ۾ جيڪي گناهه ٿيا اهي معاف فرماءِ ۽ ماهِ رمضان ۾ جيڪو عبادتن جو رجحان وڌيو، ان ۾ وڌيڪ ترقي ۽ استقامت نصيب فرماءِ.

الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعائون ڪندا رهنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪرم ٿيندو، نيڪين تي استقامت بہ ملي ئي ويندي.

| | |
|---|---|
| یاخدا! میری مغفرت فرما | باغِ فردوس مرحَمَت فرما |
| دینِ اسلام پر مجھے یاربّ! | اِستِقامت تُو مرحَمَت فرما |
| مُشکلوں میں مرے خدا میری | ہر قدم پر مُعاوَنت فرما(1) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بهارِ شريعت موبائيل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي بہ مختلف انداز سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، ان سلسلي ۾ اَلْحَمْدُ لله! دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊيپارٽمينٽ جي طرف تمام پياري، نرالي ۽ تمام فائديمند موبائيل ايپلي ڪيشن بنام بهارِ شريعت (Bahar e shariyat) صدر الشّريعہ، مولانا امجد علي اعظمي رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ جي مايہ

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:75 ملتقطًا۔

ناز تصنيف بهارِ شريعت جا ٽئي جلد هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيا ويا آهن ◈ان کان علاوه بهارِ شريعت ۾ شامل قرآني آيات، احاديث، اصطلاحات ۽ لغت هن ايپلي ڪيشن جو حصو آهن ◈توهان ايپلي ڪيشن ۾ متن تلاش بہ ڪري سگهو ٿا◈سرچ کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي لاءِ ان ۾ اردو ڪي بورڊ جي سهولت آهي تہ جيئن ايپلي ڪيشن ۾ سرچ ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ لڌي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** نمازِ فجر پڙهندي سج نڪري اچي تہ نماز باطل ٿي ويندي.

**وضاحت:** فجر جي نماز پڙهندي جيڪڏهن سج طلوع ٿي وڃي، تہ نماز باطل ٿي ويندي ۽ ان جي قضا ڪرڻ لازم هوندو، ڇو تہ فجر جي نماز جي لاءِ ضروري آهي تہ وقت ۾ ئي سلام ڦيريو وڃي.[1] جيئن تہ فتاوي تاتار خانيہ ۾ آهي: يعني جيڪڏهن فجر جي نماز ادا ڪندي سج نڪري اچي، تہ فجر جي نماز فاسد ٿي ويندي آهي[2] بهار شريعت ۾ آهي: (نمازِ فجر، جمعو ۽ عيدين جي نمازن کان علاوه ٻين نمازن جو وقت ختم ٿيڻ کان پهريان ان نماز جي) وقت ۾ جيڪڏهن تڪبير تحريمہ ٻڌي ورتي، تہ نماز قضا نہ ٿي، بلڪ ادا آهي، مگر نماز فجر، جمعو ۽ عيدين جي نمازن ۾ سلام کان پهرين نماز

[1]…دارالافتاء اہل سنت، ریفرنس نمبر:Gul 2346۔
[2]… فتاوی تاتار خانیہ، جلد2، صفحہ19 ۔

جو وقت ختم ٿيو تہ نماز ٽٽي وئي.[1] اللّٰہ پاڪ اسان کي درست اسلامي اَحڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَسْمَاءُ الحسنیٰ جون برڪتون (وظيفو)

## یَا آخِرُ

جيڪو ڪنهن جاءِ تي وجي ۽ یَا آخِرُ پڙهي وني اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! اُتي عزت ۽ توقير ماڻيندو.[2] اللّٰہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... بہارِ شریعت، جلد:1، حصہ:4، صفحہ:701۔

[2]...مدنی پنج سورہ، صفحہ:256۔